هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

## ٻانهن جا حق

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# پانهن جا حق

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت كئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتكاف جي نيّت كري ونندا كريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتكاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ كائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## وَاللہ! هو ڏيندا آهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتو منهنجي قبر تي مقرر فرمايو آهي، جنهن سان سڄي مخلوق جي آواز ٻڌڻ جي طاقت ڏني آهي، بس قيامت تائين جيكو بہ مون تي دُرُود پاك پڙهندو آهي. (مسند بزار، ج. 4، ص. 254، حديث 1425)

شيخِ طريقت، امير اهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”ضياءِ درود و سلام“ صحفہ 6 تي هي حديثِ پاك نقل كرڻ كان پوءِ ارشاد فرمائن ٿا: سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! دُرُود شريف پڙهڻ وارو



www.dawateislami.net

ڪيتري قدر نصيب وارو آهي جو ان جو نالو پيءُ جي نالي سان گڏ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، هتي هي نڪتو بہ نهايت ئي ايمان افروز آهي جو قبر منور تي حاضر فرشتي کي ايتري قدر زياده ٻڌڻ جي قوت عطا ڪئي وئي آهي جو اهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هڪ ئي وقت جي اندر دُرُود شريف پڙهڻ وارن لکين مسلمانن جو گهٽو آهستہ آواز بہ ٻڌي وٺندو آهي. جڏهن دربار جي خادم جي ٻڌڻ جي قوت جو هي حال آهي تہ سرڪارِ والاتبار، مڪي مديني جي تاجدار، محبوب پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اختيارات جو ڇا شان هوندو! اهي ڇو نہ پنهنجي غلامن کي سڃاڻيندا ۽ ڇو نہ انهن جي فرياد ٻڌي بِاِذن الله تعالٰي (يعني الله تعالیٰ جي اجازت سان) انهن جي مدد فرمائيندا!

اور کوئی غیب کیا تم سے نہاں ہو بھلا جب نہ خدا ہی چُھپا تم پہ کروڑوں دُرُود
میں قُربان اِس اَدائے دَست گیری پر مرے آقا مدد کو آگئے جب بھی پُکارا یا رسول اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.



www.dawateislami.net

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو تي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳڀرو ٿي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ اللّٰہ جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ



www.dawateislami.net

مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ۞ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حق ٻہ طرح جا هوندا آهن، هڪ حقوق الله يعني الله عَزَّوَجَلَّ جا حق ۽ ٻيو حقوق العباد يعني ٻانهن جا حق. حقوق الله تہ اسان تي ان لاءِ لازم آهن جو اسان الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها آهيون. اُن اسان کي پيدا فرمايو، اهو ئي اسان جو خالق ۽ مالڪ ۽ پالڻ وارو آهي، ان ڪري ان جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ اسان تي لازم آهي. پر ٻانهن جي حقن جي ادائگي اسان تي ڇو ضروري آهي؟ ان جو جواب ڏيندي حجۃالاسلام، حضرتِ سيدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: انسان يا تہ اڪيلو رهندو آهي يا ڪنهن سان گڏ ۽ جيئن تہ انسان جو پنهنجي هم جنس ماڻهن سان ميل ميلاپ رکڻ بغير زندگي گذارڻ مشڪل آهي، تنهنڪري ان تي ملي جُلي رهڻ جا آداب سکڻ ضروري آهن. جيئن تہ هر اختلاط (ميل جول) رکڻ واري (شخص) جي لاءِ ملي جُلي رهڻ جا ڪجھ آداب (حق) آهن. (بخاري، ج. 2، ص. 462، حديث 3461)

معلوم ٿيو تہ ٻانهن جا حق لازم ٿيڻ جو بنيادي سبب تمام انسانن جو ملي جلي رهڻ آهي. اڄ جي بيان ۾ اسان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻانهن جي حقن جي اهميت جي متعلق مدني گُل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اچو ! پهريان ٻانهن جي حقن جي اهميت جي متعلق هڪ عبرتناڪ حڪايت ٻڌون ٿا، جيئن تہ



www.dawateislami.net

## ڪٽڪ جو داڻو

هڪ شخص کي وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ چيائين **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو، پر حساب ڪتاب ٿيو، ايتري تائين جو انهيءَ ڏينهن جي باري ۾ مون کان پڇا ڳاڇا ڪئي وئي جنهن ڏينهن مان روزي سان هئس ۽ پنهنجي دوست جي دڪان تي ويٺو هئس، جڏهن افطار جو وقت ٿيو ته مون ڪٽڪ جي ٻوري مان هڪ داڻو ڪنيو ۽ ان کي ڀڃي کائڻ چاهيو ٿي ته يڪدم مون کي احساس ٿيو ته هي داڻو منهنجو ناهي. اهڙي طرح مون ان کي جتان ڪنيو هو جلدي انهيءَ جاءِ تي رکي ڇڏيو ۽ انهيءَ جو به حساب ورتو ويو، ايتري تائين جو ان پرائي ڪٽڪ جي داڻي ڀورڻ جي نقصان برابر نيڪيون مون کان ورتيون ويون.

(مرقاة المفاتيح ج 8، ص 811، تحت الحديث 5083)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!غور ڪريو ته جڏهن پرائي ڪٽڪ جي هڪ معمولي داڻي کي اجازت کان بغير ڀڃڻ جو ايترو نقصان آهي جو مرڻ کان پوءِ ان ماڻهوءَ کي نيڪيون ڏيڻيون پيون، تنهنڪري هڪ مسلمان جا بنيادي حق ضائع ڪري ڇڏڻ ۽ ان جي ڪجهه به پرواهه نه ڪرڻ ڪيتري قدر نقصان ۽ خساري جو سبب بڻجي سگهي ٿو، افسوس! صد افسوس! جو اسان جي معاشري ۾ هڪ ٻئي جي حقن کي بُري طرح پامال ڪيو ويندو آهي.

## 3 پيسن جي عوض ست سؤ باجماعت نمازون!

شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه معاشري جي ان خراب حالت تي فڪر جو اظهار ڪندي فرمائن ٿا: هاڻي رڳو ڪٽڪ جو داڻو ڀڃڻ يا



www.dawateislami.net

ڪاڻ جي ڳالھ ڪئي آهي، اڄڪلھ تہ ڪيترائي ماڻھو بنا دعوت جي ٻين وٽ (پيٽ پري) ڪاڏو ڪائي ويندا آهن! حالانڪ بنا سڏ جي ڪنهن جي دعوت ۾ گھڙي پوڻ شرعًا منع آهي. ابوداؤد شريف جي حديث پاڪ ۾ هي بہ آهي تہ ”جيڪو بنا سڏ جي ويو اهو چور ٿي ڪري گھِريو ۽ ڦر مار ڪري نڪتو.“ (سنن ابي داود ج 3، ص 379، حديث 3741) ۽ اڄڪلھ تہ قرض جي نالي تي ماڻهن جا هزارين بلڪ لکين روپيا هڙپ ڪيا ويندا آهن. هينئر اهو سڀ سؤلو محسوس ٿي رهيو هوندو آهي، پر قيامت ۾ گھڻو مهانگو پوندو. اي ماڻهن جا قرض ڦٻائڻ وارؤ! ڪن ڪولي ٻڌو! منهنجا اعلىٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه نقل ڪن ٿا: ”جيڪو دنيا ۾ ڪنهن جا تقريبًا ٽي پئسا قرض ڦٻائيندو تہ قيامت جي ڏينهن انهيءَ جي بدلي ۾ ست سؤ باجماعت نمازون ڏيڻيون پونديون.“ (فتاوىٰ رضويہ ج 25، ص 69) جي ها! جنهن ڪنهن جو قرض ڦٻايو اهو ظالم آهي ۽ سخت نقصان ۽ تباهي ۾ آهي. حضرت سيدنا سليمان طبراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوۡرَانِي پنهنجي حديثن جي مجموعي ”طبراني“ ۾ نقل ڪن ٿا: سرڪار مدينہ منوره، سردار مڪہِ مڪرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، جنهن جو مفهوم آهي: ”ظالم جون نيڪيون مظلوم کي، مظلوم جا گناھ ظالم کي ڏياريا ويندا.“ (المعجم الكبير حديث 3969 ج 4 ص 148)

گُناہوں کے کھلے دفتر کھڑا ہوں آہ!مِیزاں پر
نہیں ہیں نیکیاں اب کیا کروں گا یا رَسُوْلَ الله

کرم فرما کہ ہو عطارؔ بھی اِس قول کا مِصداق
”تِری خاطر جِیوں گا اور مَروں گا“یا رَسُوْلَ الله

(وسائل بخشش، ص 323، 325)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## هروقت گناهن جو ميٽر!

حضرتِ سيدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي ”ڪيمياءِ سعادت“ ۾ نقل ڪن ٿا: ”جيڪو شخص قرض وٺندو آهي ۽ هيءَ نيت ڪندو آهي ته مان سهڻي نموني ادا ڪندس ته الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ جي حفاظت جي لاءِ ڪجھ فرشتا مقرر فرمائيندو آهي ۽ اُهي دعا ڪندا آهن ته انهيءَ جو قرض ادا ٿي وڃي.“ (اتحاف السادة للزبيدي ج 6، ص 409) ۽ جيڪڏهن قرضدار قرض ادا ڪري سگھندو هجي ته قرض ڏيندڙ جي مرضي جي بغير هڪ گھڙي برابر به دير ڪندو گنهگار ٿيندو ۽ ظالم قرار ڏنو ويندو. چاهي روزي جي حالت ۾ هجي يا سُتل هجي انهيءَ جي ذمي گناهه لکيو ويندو. (جڻ هر حال ۾ گناهه جو ميٽر هلندو رهندو) ۽ هر صورت ۾ انهيءَ تي الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت پوندي رهندي، هي گناهه ته اهڙو آهي جو ننڊ جي حالت ۾ به انهيءَ سان گڏ رهندو آهي. جيڪڏهن پنهنجو سمورو مال وڪڻي قرض ادا ڪري سگھي ٿو ته اهو به ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن ائين نه ڪندو ته گنهگار آهي. جيڪڏهن قرض جي عيوض اهڙي شيءِ ڏئي جيڪا قرض ڏيندڙ کي ناپسند هجي تڏهن به ڏيڻ وارو گنهگار ٿيندو ۽ جيستائين انهيءَ کي راضي نه ڪندو، انهيءَ ظلم جي جُرم کان ڇوٽڪارو نه ملندو ڇو ته ان جو هي فعل ڪبيره گناهن مان آهي پر ماڻهو انهيءَ کي معمولي سمجھندا آهن.

(ڪيمياءِ سعادت ج 1، ص 336)

## مظلوم ۾ ڏکيارا فائدي ۾!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻانهن جي حق تلفي آخرت جي لاءِ گھڻو نُقصانڪار آهي، حضرت سيدنا شيخ ابوطالب محمد بن علي مکي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی ”قوت القلوب“ ۾ فرمائن ٿا: ”اڪثر ڪري (پنهنجا نه بلڪ) ٻين جا گناهه ئي دوزخ ۾ داخلي جو سبب ٿيندا جيڪي (حق العِباد تلف ڪرڻ جي سبب) انسان



www.dawateislami.net

تي وڏا ويندا. ۽ بيشمار ماڻهو (پنهنجين نيڪين جي سبب نه بلڪ) ٻين جون نيڪيون حاصل ڪري جنت ۾ داخل ٿيندا.“ (قوت القلوب ج 2، ص 292) ظاهر آهي ته ٻين جون نيڪيون حاصل ڪرڻ وارا اُهي هوندا جن جون دنيا ۾ دليون ڏکايون ۽ حق ڦٻايا ويا هوندا. ايئن قيامت جي ڏينهن مظلوم ۽ ڏکايل فائدي ۾ رهندا.

حقوقُ العباد! آه! ہوگا مِرا کیا!
کرم مجھ پہ کر دے کرم یاالٰہی!
بڑی کوششیں کی گنہ چھوڑنے کی
رہے آہ! ناکام ہم یاالٰہی!
مجھے سچی توبہ کی توفیق دیدے
پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی!
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص110)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻانهن جي حقن جو معاملو واقعي ڏاڍو نازڪ آهي، اسان کي ان باري ۾ هر وقت محتاط رهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڄاڻي واڻي يا ڀُل ۾ ڪنهن مسلمان جا حق تلف ٿي وڃن ته فوراً توبهه ڪندي صاحبِ حق کان معافي به وٺڻ گهرجي. حقوق الله سچي توبهه سان معاف ٿي ويندا آهن، جڏهن ته ٻانهن جي حقن کان توبهه سان گڏو گڏ جنهن جو حق ماريو آهي، ان کان به مُعافي وٺڻ به ضروري آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: حق ڪنهن به قسم جو هجي، جيستائين صاحبِ حق معاف نه ڪري، معاف ناهي ٿيندو. حقوق الله ۾ ته ظاهر (آهي) الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ٻيو ڪير معاف ڪرڻ وارو ٿي سگهي ٿو جو (قرآن پاڪ ۾ آهي)

وَمَنْ يَّغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ (ترجمو: ۽ الله کان سواءِ ڪير گناهه معاف ڪندو)

۽ ٻانهن جي حقن ۾ الله تعاليٰ اهو ئي ضابطو مقرّر فرمائي رکيو آهي جو جيستائين اُهو ٻانهو معاف نه ڪري، معاف نه ٿيندو. موليٰ تعاليٰ اسان



www.dawateislami.net

جو ۽ اسان جي جان ۽ مال ۽ حقن سڀ جو مالڪ آهي، جيڪڏهن هو اسان جي مرضي کان بغير، اسان جا حق جنهن کي چاهي معاف فرمائي، تہ بہ عين حق ۽ عدل آهي جو اسان بہ ان جا ۽ اسان جا حق بہ ان جا مقرر فرمايل آهن، جيڪڏهن هو اسان جي خون، مال ۽ عزت وغيره کي معصوم ۽ محترم نہ ڪري ها تہ اسان کي ڪير ڪهڙو ئي آزار (تڪليف) پهچائي ها، ڪڏهن بہ اسان جي حق ۾ گرفتار نہ ٿئي ها. ايئن ئي هينئر بہ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي، اسان جا حق معاف فرمائي ڇڏي ڇو تہ اهو ئي مالڪِ حقيقي آهي، پر ان ڪريم، رحيم عَزَّوَجَلَّ جي رحمت (آهي) جو اسان جا حق اسان جي هٿ (۾) رکيا آهن، اسان جي بخشڻ کان بغير معاف ٿيڻ جي ڪا صورت نہ رکي، تہ جيئن ڪو مظلوم هي نہ چوي تہ اي منهنجا مالڪ! مونکي منهنجو حق نہ مليو. (فتاوٰي رضويہ، ج. 24، ص. 460)

## حق ڦٻائڻ وارن لاءِ جهنم آهي!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻانهن جا حق ادا ڪرڻ نهايت ضروري آهن، انهن ۾ غفلت ڪرڻ دين ۽ دنيا جي نقصان جو باعث آهي. اسان جي پياري دين ٻانهن جي حقن جي ادائيگيءَ جي گهڻي تاڪيد ڪئي آهي، بادشاهہ هجي يا وزير، امير هجي يا فقير، مالڪ هجي يا غلام، حقن جي ادائگيءَ جي لاءِ سيني کي هڪ ئي صف ۾ بيهاري ڇڏيو ۽ جڏهن ڪنهن مسلمان تي ٻئي مسلمان جو حق ثابت ٿي وڃي، تہ ان حق کي ادا ڪرڻ جو حڪم بہ ارشاد فرمايو آهي. پر افسوس! اڄ ڪلهہ غفلت جي انتها آهي، جهڙي طرح مسلمانن جو هڪ تعداد حقوق الله کان غافل ٿيندي نظر اچي رهيو آهي، اهڙي طرح معاشري ۾ ٻانهن جي حقن کي پامال ڪرڻ بہ ڏاڍو عام ٿي رهيو آهي. مسلمان پنهنجي انجام کان بي خوف ٿي ڪري ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ، موبائل



www.dawateislami.net

قرڻ، ڌمڪيون ڏئي ڪري ماڻهن کان رقم جو مطالبو ڪرڻ ۽ انهن جي مال ۽ جائداد تي قبضو ڪرڻ، قرض دبائڻ، چوري، ڌاڙو ۽ قتل جهڙن گناهن ۾ مُبتلا تي ڪري ٻين مسلمانن جي حقن کي پامال ڪري رهيا آهن. حالانڪ مسلمان جو حق ڦٻائڻ، ان کي ڪهڙي بہ طرح ستائڻ، ان جي دل ڏکائڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. بنا ڪنهن سبب مسلمانن کي ستائڻ جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو.

اِنَّ الَّذِيۡنَ فَتَنُوا الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ الۡمُؤۡمِنٰتِ

ثُمَّ لَمۡ يَتُوۡبُوۡا فَلَهُمۡ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمۡ عَذَابُ الۡحَرِيۡقِ ﴿۱۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ جن تڪليف ڏني مسلمان مردن ۽ مسلمان عورتن کي. پوءِ توبهہ نہ ڪيائون. پوءِ انهن جي واسطي جهنم جو عذاب آهي.

## حق پامال ڪرڻ ظلم بہ آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جي حقن جي پاسداري نہ ڪرڻ، انهن کي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻائڻ ۽ بنا ڪنهن سبب ستائڻ وارن کي عذابِ نار جي وعيد ٻُڌائي آهي، ان لاءِ خوب خوب محتاط رهو ۽ مسلمانن کي بنا ڪنهن سبب ڊيڄارڻ، ڌمڪائڻ ۽ انهن جو حق دبائڻ کان هميشہ بچندا رهو. ڪنهن سان نا انصافي ڪرڻ، اڪيلي يا پرِيل مجمعي ۾ ذليل ڪرڻ، بي عزتي ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، مارڻ پٽڻ ۽ هر اهو ڪم ڪرڻ جنهن سان ٻئي جا حقوق پامال ٿين حقيقتًا اهو بہ ظلم آهي.

حضرت سيّدُنا شريف جرجاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: ڪنهن شيءِ کي ان جي علاوه ڪنهن ٻئي جڳهہ تي رکڻ ظلم آهي. (التعريفات للجرجاني، ص. 102) جڏهن تہ شريعت ۾ ظلم مان مراد هي آهي تہ ڪنهن جو حق مارڻ،



www.dawateislami.net

ڪنهن کي غير محل ۾ خرچ ڪرڻ، ڪنهن کي بغير قصور جي سزا ڏيڻ.
(مرأة، ج. 6، ص.669)

ياد رکو! ظلم جو انجام ڏاڍو ئي خوفناڪ ۽ خطرناڪ آهي. ظالم شخص آخرت ۾ تہ عذاب جو شڪار ٿيندو ئي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙو شخص دنيا ۾ بہ مشڪل حالات ڪان پريشان ٿيندو آهي.

حضرت سيدنا ابو موسیٰ اشعري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينۂ منوره، سردار مڪۂ مڪرمہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ ظالم کي مُهلت ڏيندو آهي ايتري تائين جو جڏهن ان کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ٿو پوءِ انهيءَ کي ناهي ڇڏيندو. هي ٻڌي سرڪار نامدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 12هين سيپاري سورهءِ هود جي آيت 102 تلاوت فرمائي.

وَكَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِيَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗٓ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ ﴿۱۰۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهڙي ئي طرح پڪڙ آهي تنهنجي رب جي جڏهن ڳوٺن کي پڪڙي ٿو انهن جي ظلم تي، بيشڪ ان جي پڪڙ سخت درد ناڪ آهي.

**(پ 12 هود 102)**

(صحيح البخاري ج 3، ص 247، حديث 4686)

## ٻانهن جا حقوق ۽ فرامينِ مصطفيٰ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** احاديث مبارڪن ۾ ڪيترن ئي مقامات تي ٻانهن جي حقن جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي. اچو! انهن مان چار فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا:

1. مُسلمان جون سڀ شيون مسلمان تي حرام آهن ان جو مال ۽ ان جي عِزت ۽ ان جو خون ، ڪنهن ماڻهوءَ جي بُري هجڻ جي لاءِ ايترو ئي



www.dawateislami.net

ڪافي آهي جو اهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي .

(سُنَنِ ابي داود ج4ص354 حديث 4882)

2. جنهن جي ذمي پنهنجي ڀاءُ جي عزت وغيره ڪنهن ڳالهه جو ظلم هجي، ان کي لازم آهي ته قيامت جي ڏينهن اچڻ کان پهريان دنيا ۾ ئي ان کان معافي گهري وٺي، ڇو ته اتي نه دينار هوندا نه درهم، جيڪڏهن ان وٽ ڪجهه نيڪيون هونديون، ته ان جي حق جي مطابق، ان کان وٺي ان کي ڏني وينديون. نه ته اُن (مظلوم) جا گناهه اِن (ظالم) تي رکيا ويندا.

(بخاري، ج. 2، ص. 128، از غيبت جون تباهه ڪاريون، 294)

3. دفتر (رجسٽر) ٽي آهن، هڪ دفتر ۾ الله تعالٰي ڪجهه نه بخشيندو ۽ هڪ دفتر جي الله تعالٰي کي ڪا پرواهه ناهي ۽ هڪ دفتر ۾ الله تعالٰي ڪجهه به نه ڇڏيندو، اهو دفتر جنهن ۾ اصلاً (بالڪل) معافي جي جڳهه ناهي، اهو ته ڪفر آهي ته ڪهڙي طرح نه بخشيو ويندو ۽ اهو دفتر جنهن جي الله عَزَّوَجَلَّ کي ڪا پرواهه ناهي، اهو ٻانهي جو گناهه آهي، خالص پنهنجي ۽ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي معاملي ۾ (ته ڪنهن ڏينهن جو روزو ترڪ ڪيو يا ڪا نماز ڇڏي هوندي، الله تعالٰي چاهي ته ان کي معاف ڪري ڇڏي ۽ درگزر فرمائي) ۽ اهو دفتر جنهن مان الله تعالٰي ڪجهه نه ڇڏيندو اهو ٻانهن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي ظلم آهي جو ان ۾ ضرور بدلو ٿيڻ آهي.

(مستدرڪ، ج. 5، ص. 794، حديث 8757، از فتاوٰي رضويه، ج. 24، ص. 460)

4. توهان حقَ حقدارن جي حوالي ڪري ڇڏيندو ايستائين جو بنا سڱن واريءَ جو سڱن واري ٻڪري کان بدلو ورتو ويندو.“

(صحيح مسلم ص 1394، حديث 2582)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هاڻي اسان چار احاديث مبارڪ ٻڌيون انهن مان بيان



www.dawateislami.net

تيل آخري حديث مبارڪ جو مطلب هي آهي ته جيڪڏهن توهان دنيا ۾ ماڻهن جا حقوق ادا نه ڪيا، هر صورت ۾ قيامت ۾ ادا ڪرڻا پوندا. هتي دنيا ۾ مال ڪان ۽ آخرت ۾ اعمال ڪان، تنهن ڪري بهتري انهيءَ ۾ ئي آهي ته دنيا ۾ ئي ادا ڪري ڇڏيو نه ته پڇتائڻو پوندو. مرآة شرح مشڪوٰة ۾ آهي جانور جيڪڏهن شرعي احڪام جي مڪلف نه هجن پر حقوق العباد جانورن کي به ادا ڪرڻا پوندا. (مرآة، ج. 6، ص. 674 از ظلم جو انجام، ص. 9)

هميشه هاتھ بھلائی کے واسطے اُٹھیں
بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یارَبّ!
رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دَم
کریں نہ رُخ مرے پاؤں گُناہ کا یا رَبّ!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه وارن جو خوفِ خدا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان خوف رکڻ وارا، ان جا نيڪ ٻانها، ٻانهن جي حقن جي بظاهر معمولي نظر اچڻ وارن معاملن ۾ به اهڙي احتياط ڪندا آهن جو حيرت ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. منقول آهي ته حضرت سيّدُنا عبدُاللّٰه بِن مُبارَڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي سفر تي روانو ٿيندي وقت ڪنهن ماڻهو ٻئي کي پهچائڻ لاءِ خط پيش ڪيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو ته اُٺ ڪِرائي تي ڪرايو آهي، سواري واري کان اجازت وٺڻي پوندي، ڇو ته مان ان کي سڄو سامان ڏيکاري ڇڏيو آهي ۽ هي خط وڌيڪ شيءِ آهي.
(ماخوز احياءُ العلوم، ج. 1، ص. 353)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! سيّدُنا عبداللّٰه بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٻانهي جي حق جي ادائيگي جو جذبو صد ڪروڙ مرحبا! ته اُٺ واري کي سڄو سامان ڏيکارڻ کان پوءِ معمولي ڪاغذ جو وزن رکڻ جي لاءِ به اُٺ واري کان اجازت وٺڻ جو ذهن رکن ٿا ته جيئن ان جي حق تلفي نه ٿي وڃي.



www.dawateislami.net

## نيڪين جي ناليءَ تي گناهه نه ڪمايو!

شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ساؤنڊ سسٽم تي وڏي آواز سان اجتماعِ ذڪر و نعت ڪرڻ وارن کي ٻانهن جي حقوق جي متعلق اهم معاملن تي توجهه ڏياريندي ارشاد فرمائن ٿا: ڪجهه ٻارن جي ننڊ ڪچي هوندي آهي انهن کي معمولي آواز به برداشت ناهي ٿيندو، فورن روئڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن جنهن سان گهر وارن کي گهڻي پريشانيءَ جو منهن ڏيڻو پوندو آهي، ۽ گهرن ۾ اهڙا مريض به هوندا آهن جيڪي ويچارا ننڊ جون گوريون کائي بستر تي پيا هوندا آهن. شاگردن کي صبح درسگاهن ۽ ٻين ماڻهن کي ڪم ڌنڌي تي وڃڻو هوندو آهي، اهڙي ۾ جيڪڏهن محلي جي اندر ”سائونڊ سسٽم“ تي زور ۽ شور سان محفل جاري هجي ته مجبورن ۽ مريضن جي سخت دل آزاري جو امڪان رهندو آهي، اسپيڪر جي ڪن ڦاڙيندڙ آواز تي احتجاج ڪرڻ وارن جي لاءِ اهڙو مثال ڏيڻ قطعًا مناسب ناهي جو شادين ۾ به ماڻهو فلمي گيت زور ۽ شور سان هلائيندا آهن. انهن کي ڪوئي منع ناهي ڪندو! اسان ته آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ثناء خواني ڪيون ٿا ته ماڻهن کي تڪليف ٿيڻ لڳندي آهي معاذ الله عَزَّوَجَلَّ هي کليو بهتان آهي، ڪو به مسلمان چاهي ڪيترو ئي گنهگار ڇو نه هجي ان کي هرگز آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ثناء خواني ڪان تڪليف ناهي ٿيندي، شڪايت صرف اسپيڪر جي آواز ڪان آهي، جنهن مني مني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اسان نعت خواني ڪري رهيا آهيون ۽ ان ۾ صرف ”مزو“ وٺڻ جي لاءِ سائونڊ سسٽم لڳائي رکيو آهي جيڪڏهن



www.dawateislami.net

ان جي سبب کان پاڙي وارا تڪليف ۾ اچن ٿا تہ يقيناً پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ خوش نہ ٿيندا. بہ چار محلي جي ماڻهن کان اجازت وٺڻ قطعاً ڪافي ناهي. ڪير پيئنڊڙ ٻارن، انهن جي مائرن ۽ مٿي جي سور ۾ ٿڙپندڙ، بخار ۾ تپيل ۽ بسترن تي بيقرار ڦٿڪندڙ مريضن کان ڪير اجازت وٺندو؟ پڻ اها بہ حقيقت آهي جو فلمي گانن جي شور مان بہ ماڻهن کي پريشاني ٿيندي آهي پر ڊپ جي ڪري صبر ڪندي پيا هوندا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ٻانهن جي حقوق جي اهميت سمجهڻ ۽ انهن کي پورو ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دل میں ہو یاد تیری گوشۂ تنہائی ہو
پھر تو خلوت میں عجب انجمن آرائی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صدائي مدينہ ڪيئن لڳايون؟

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ بزرگان دين جي پيروي ڪرڻ واري عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت آهن پاڻ جو پاڪيزه ڪردار، هن پُر فتن دور ۾ اسان جي لاءِ مشعلِ راهہ آهي، پاڻ نہ صرف خود ٻانهن جي حق جي متعلق خاص احتياط فرمائيندا آهن بلڪ پنهنجي مريدين ۽ متعلقين کي بہ ان جي ترغيب جي مدني گلن سان نوازيندا آهن. دعوت اسلامي جي اصطلاح ۾ مسلمانن کي فجر جي نماز



www.dawateislami.net

جي لاءِ صدا لڳائي ڪري اٿارڻ ”صدائي مدينہ“ چورائيندو آهي ۽ هي ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان روزانو هڪ مدني ڪم ۽ مدني انعام بہ آهي.

امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه وقت بہ وقت ان جي ترغيب ڏيندا رهندا آهن ۽ ان سان ٻانهن جي حق ضائع ٿيڻ جي ڊپ جي ڪري احتياط بيان ڪندي فرمائيندا آهن: اذانِ فجر کان بعد بغير ميگا فون، بہ، بہ اسلامي ڀائر صدائي مدينہ لڳائن. پر هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ ايتري زور سان سان آواز نہ هجي جو مريضن، ٻارن ۽ جيڪي اسلامي ڀينرون گهرن ۾ نماز ۾ مشغول آهن يا پڙهي ڪري سمهي رهيون هجن، انهن کي تشويش ٿئي، درس ۽ بيان ڪرڻ، نعت شريف پڙهڻ ۽ اسپيڪر هلائڻ وغيره ۾ هميشہ نمازين، تلاوت ڪرڻ وارن ۽ سمهڻ وارن کي تڪليف ڏيڻ کان بچڻ شرعاً واجب آهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان ظاهري عبادت مان خوش ٿيندا رهون، پر ان ۾ ٻين جي پريشانيءَ جو ڪارڻ ٿي ڪري حقيقت ۾ نعوذ بالله عَزَّوَجَلَّ گنهگار ۽ دوزخ جا حقدار بڻجي رهيا هجون. (حقوق العباد کی احتیاطیں، ص 17)

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”صدائي مدينہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان ٻانهن جي حق جو خيال رکندي صدائي مدينہ لڳائڻ جا مدني گُل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اسان کي بہ انهن مدني گلن تي عمل ڪندي هن مدني ڪم يعني ”صدائي مدينہ لڳائڻ“ جي ترڪيب ڪرڻ گهرجي ۽ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائڻ گهرجي. اڄ جي دؤر ۾ جڏهن تہ مُسَلمان دين کان گهٽو پري آهن. هڪ تعداد اهڙي آهي جيڪا دنياوي معاملن ۾ ايتري قدر مصروف رهجي ويا آهي آخرت جي تياريءَ جو فڪر ئي ناهي، سنتون ۽ نفل پڙهڻ تہ رهيو پري اَڪثرِيت



www.dawateislami.net

فرض نمازون تائين قضا ڪندي آهي. انهي وجهه کان مسجدون ويران پيون ٿين ،اهڙين حالتن ۾ انهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جو عزم ڪرڻ ۽ انهيءَ عزم جي تڪميل جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ يقيناً سَعادَت کان گهٽ ناهي. ان ڪري ڪوشش ڪيو ۽ مدني انعام نمبر 35 تي عمل ڪندي صداءِ مدينہ لڳايو ۽ مسجدن جي آباد ڪاريءَ ۾ دعوتِ اسلاميءَ جو ساٿ ڏيو. اچو! ٻڌون ٿا تہ مدني انعام نمبر ڇا آهي.

شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسلامي ڀائرن جي 72 مدني انعامن مان مدني انعامات نمبر 35 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ”ڇا اڄ توهان صداءِ مدينہ لڳايو؟ (دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ فجر جي نماز جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ صداءِ مدينہ لڳائڻ چورائيندو آهي)“

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسان جا اسلاف بہ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائيندا رهندا هئا، مَنْقُول آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضْرتِ سيدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو هي معمول هو جو پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ماڻهن کي نماز جي لاءِ بيدار ڪندا هئا، جڏهن نمازِ فجر جي لاءِ تَشْرِيف کڻي ايندا هئا تہ راهہ ۾ ماڻهن کي نماز جي لاءِ جڳائيندي ايندا، ۽ اذانِ فجر جي فوراً بعد جيڪڏهن مسجد ۾ ڪو سُتل هوندو هو تہ ان کي بہ جڳائيندا هئا. (طبقات ڪبري، ذکر استخلاف عمر، ٢٦٣/٣) اسان کي بہ گهرجي تہ بالخصوص نمازِ فجر ۾ صداءِ مدينہ لڳايون ۽ ٻين نمازن ۾ بہ پنهنجي گهر وارن رشتيدارن ۽ گلي بازارن ۾ ويندل مسلمانن تي اِنْفرادي ڪوشش ڪري نماز جي لاءِ مسجد ۾ گڏ وني اچون تي سگهي ٿو تہ اسان جي اِنْفرادي ڪوشش سان ڪو پڪو نمازي بڻجي وڃي ۽ اسان جي لاءِ ثوابِ جاريہ جو ذريعو بڻجي وڃي. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

## بي نمازي، نمازي بڻجي ويو

سردار آباد (فيصل آباد) جي هجويري ٽائون محله بلال گنج ۾ مقيم اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته دعوت اسلامي جي پاڪيزه مدني ماحول کان وابسته ٿيڻ کان پهريان مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ مان هڪ ماڊرن، ڪلين شيو، فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ منهنجو محبوب مشغلو هو، پنج وقت جي نماز ته ڇا جمعو پڙهڻ کان به محروم رهندو هئس. هڪ ڏينهن ڪنهن عزيز جي گهر وڃڻ ٿيو ته اتي ويٺي ويٺي اوچتو منهنجي نظر الماري ۾ رکيل هڪ اسلامي ڪتاب تي پئي مون اهو ڪتاب ڪنيو ۽ پڙهڻ شروع ڪيو. ڪتاب تمام سٺو هو، ان ڪري منهنجي دل ۾ ديني ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ٿيو، پوءِ مون پنهنجي دوست کان مطالعي جي لاءِ ڪجهه ڪتاب گهريا ان مون کي قبر ۽ آخرت جي باري ۾ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ڪجهه رسالا ڏنا. جڏهن مون انهن رسالن جو مطالعو ڪيو ته مون تي رقت طاري ٿي وئي، منهنجي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ هن ڳالهه جو احساس ٿيو ته مون هيتر تائين غفلت جي زندگي گذاري رهيو آهيان. انهيءَ وقت مون سچي دل سان گناهن ڀري زندگي کان توبه ڪئي، نمازي بڻجي ويس. دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ به حاضر ٿيڻ لڳس. چهري کي ڏاڙهي مبارڪ ۽ مٿي کي عمامي شريف سان سجائي ورتو ۽ دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس. (کالے بچھو کا خوف: ۲۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اميراهلسنت جو اندازِ تربيت:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قربان وڃو! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مدني سوچ تي جو هڪ مدني مذاڪري ۾ ٻانهن جي حقوق جي باري ۾ عاشقانِ



www.dawateislami.net

رسول جي مدني تربيت ڪندي ارشاد فرمائين ٿا: ”**ماءُ پيءُ ۽ ٻارن جي حق تلفي نہ ٿئي، ۽ ڪنهن قسم جو گناه نہ ڪرڻو پوي تہ 12 مهينن جو سفر ضرور ڪيو**“. مرحبا! مدني تربيت جو ڪهڙو پيارو انداز آهي جو عاشقانِ رسول کي 12 مهينن جي مدني قافلن ۾ سفر جي ترغيب بہ ڏياري پئي وڃي، گڏو گڏ هي بہ مدني ذهن ڏنو پيو وڃي تہ شريعت جو دامن هٿ مان نہ ڇڏاجي، تنظيمي ڪم بہ ڪرڻو آهي تہ ان ۾ بہ حقوق العباد جو خيال رکڻو هوندو، رضاءِ الٰهيءَ کي هر حال ۾ پيشِ نظر رکڻو هوندو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مدني مذاڪري ۾ علمِ دين سکڻ جو بهترين ۽ آسان ذريعو آهي، الحمدللّٰه عَزَّوَجَلَّ! هر هفتي ڇنڇر ڏينهن رات جو گهڻا عاشقانِ رسول اجتماعي طور تي مدني مذاڪري ۾شرڪت جي سعادت ڪندا آهن، جيڪڏهن اسان بہ چاهيون ٿا تہ اسان جي بہ علمِ دين ۾ اضافو ٿئي، حقوق العباد جي متعلق ديني معلومات جو لازوال خزانو اسان جي هٿ اچي، اهو ڪهڙو طريقو آهي جو جنهن جي مطابق اسان اسلامي زندگي گذارڻ جو انداز سکي سگهون تہ اچو! هٿو هٿ ان نيّت جو اظهار ڪريون ٿا تہ هاڻي اسان بہ باقاعدگيءَ سان، شروع کان آخر تائين مدني مذاڪري ۾ پنهنجي حاضريءَ کي يقيني بڻائينداسين. ان شا الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رشتيدارن سان صلہ رحمي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڀائرن جي حق ۾ هوندئن تہ سڀني ماڻهن جا حق اهميت جا حامل آهي ۽ سڀني جي ادائيگي بہ ضروري آهي، پر انهن مان سڀ کان اهم رشتيدارن جا حق آهن، جڏهن هڪ عام مسلمان سان حسنِ



www.dawateislami.net

سلوڪ ڪرڻ ۽ ان جي حق ادا ڪرڻ جي ترغيب آهي تہ اُهي ماڻهو جن سان رت جو رشتو هجي، انهن سان تہ حسنِ سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن جا حق ادا ڪرڻ جي اهميت اڃان بہ وڌيڪ وڌي ويندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو دينِ اسلام ۾ اسان کي صلہء رحمي جي ترغيب ڏني وئي آهي. صلہء رحمي جو مطلب هي آهي تہ پنهنجي عزيزن ۽ مائٽن سان سنو سلوڪ ڪرڻ.

(فروز اللغات، ص. 914)

حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ قوم جي ڪري دنيا کي آباد رکيو آهي ۽ ان جي ڪري مال ۾ اضافو ڪندو آهي ۽ جڏهن کان انهن کي پيدا فرمايو آهي انهن کي نا پسنديده نظر سان ناهي ڏٺو. عرض ڪئي وئي: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ڪيئن؟ ارشاد فرمايائون: انهن جي پنهنجي رشتيدارن سان تعلق جوڙڻ جي سبب کان.

(المعجم الكبير، ج. 12، ص. 67، رقم: 12556)

صلہءِ رحمي جا سڀ کان گهڻا حقدار والدين ۽ ڀيڻ ڀاءُ هوندا آهن. انهن کان پوءِ مرتبي جي لحاظ کان ٻيا رشتيدار صلہءِ رحمي جا مستحق آهن. رشتيدارن سان صلہءِ رهمي ڪرڻ انهن جو حق آهي، قرآنِ پاڪ ۽ احاديثِ مبارڪہ ۾ ان جي گهڻي ترغيب ڏياري وئي آهي ۽ سڄي اُمّت جو ان تي اتفاق آهي جو صلہء رحمي واجب آهي ۽ قطع رحم حرام آهي.

(بهارِ شريعت، ج. 3، ص. 557)

## ملازمين سان شفقت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رشتيدارن سان صلہء رحمي ڪرڻ سان گڏ گڏ ٻين مسلمانن جي حقوق جو بہ خاص خيال رکو، خاص طور تي پنهنجي ملازمن جي حقوق جي ادائيگي ۾ ڪڏهن بہ ڪوتاهي نہ ڪرڻ گهرجي،



www.dawateislami.net

عام طور تي ڪجھ ماڻهو ننڍين ننڍين غلطين تي پنهنجي ملازمن کي ذليل ڪندا، گاريون ڏيندا ۽ ڪجھ نادان تہ مار ڪُٽ تي لهي ايندا آهن، اهڙا ماڻهو هن حديث مان عبرت حاصل ڪن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: خادمن سان برو سلوڪ ڪرڻ وارو جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو. (مسند امام احمد، مسند ابي بڪر صديق، ج. 1، ص. 20، حديث 13)

ملازمن سان هميشہ شفقت سان پيش اچو ۽ جيترو ٿي سگھي انهن جون خطائن کي در گذر ڪيوتہ جيڪو ٻين تي رحم ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ بہ ان تي رحم ڪندو آهي، ۽ انهن جي حقن جو خاص خيال رکندي حسنِ سلوڪ سان پيش اچڻ، انهن کي حقير نہ سمجهڻ، تيز غصو ۽ گار گند کان پري رهڻ، وقت پورو ٿيڻ تي انهن کي اُجرت ڏيڻ، اُجرت ۾ بنا اجازتِ شرعي ڪمي نہ ڪرڻ، بيماريءَ ۾ انهن جي عيادت ڪرڻ، ممڪن هجي تہ علاج وغيره ۾ انهن جي مدد ڪرڻ وغيره، انهن ڳالهين جو بہ خيال رکڻ، اسان تي اخلاقي طور تي بہ ضروري آهي.

## مجلس علاج جو تعارف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دعوتِ اسلامي تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ آهي، جنهن ۾ هزارين اجير (ملازمَ) مختلف شعبن جي ذريعي نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهن. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي شعبي ”مجلس طبي علاج“ جي تحت گهڻن ئي مقامن تي محدود پيماني تي شفا خانہ قائم آهن، جتي بيمار طلبہ ۽ مدني عملي جو مفت علاج ڪيو ويندو آهي. مجلس علاج جي تحت قائم شفا خانن ۾ ضرورتاً مريضن کي داخل بہ ڪيو ويندو آهي ۽ ضرورت آهر وڏين اسپتالن جي زريعي بہ علاج جي ترڪيب ناهي ويندي آهي. ان مجلس جي قيام جو



www.dawateislami.net

مقصد اجير اسلامي ڀائرن سان خير خواهي آهي. جيڪڏهن اسان مان ڪو اهڙو آهي جنهن جي تحت ملازمَ آهن، ته انهن سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچڻ ۽ آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو جمع ڪجي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شاگردن سان شفقت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جهڙي طرح هڪ سيٺ کي پنهنجي ملازم سان محبت ۽ شفقت سان پيش اچڻ گهرجي اهڙي طرح استادن کي به پنهنجي شاگردن سان محبت ۽ شفقت سان ورتاءَ ڪرڻ گهرجي، ڳالهه ڳالهه تي ڌمڪائڻ ۽ دڙڪا ڏيڻ سان دلين ۾ عارضي طور تي رُعب ته ويهجي ويندو آهي پر شاگرد جي دل ۾ استاد جي تعظيم ۽ ان جي عزت ختم ٿيڻ جو انديشو آهي، ان لاءِ هڪ استاد کي گهرجي ته پنهنجي طالبن کي پنهنجي اولاد وانگي سمجهي، انهن جي غم خواري ڪري، بيمار ٿيڻ تي انهن جي عيادت ڪري، انهن جي جائز ضرورتن ۽ مسئلن جي حل جي لاءِ ڪوشش ڪري، ڪاميابيءَ تي انهن جي حوصلا افزائي ڪري ۽ ناڪاميءَ تي انهن جي حوصلا شڪني ڪرڻ جي بجائي وڌيڪ محنت ۽ لگن سان پڙهڻ جي ترغيب ڏياري، انهن کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، قول کان وڌيڪ پنهنجي عمل سان انهن جي مدني تربيت ڪري ۽ وقت به وقت انهن کي علمِ دين جا فضائل ٻڌائي انهن جي شوق کي وڌائيندو رهي. پاڻ به دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ پنهنجو پاڻ کي مصروف رکو ۽ پنهنجي طالبن کي به طالب علميءَ جي دوران مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ جو مدني ذهن ڏيندا رهو ، اميرِ اهلسنت دَامَتْ



www.dawateislami.net

بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني مذاڪري ۾ طلباءِ ڪرام کي دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪرڻ جي حوالي سان قيمتي مدني گل عطا فرمائيندي ارشاد فرمائن ٿا.....

❖ علم جو هڪ شعبو تجربو آهي، ان ۾ وڌيڪ ماهر اهو آهي جيڪو دورانِ درسِ نظامي مدني ڪم ڪندو رهي ٿو .

❖ جنهن دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪندي درسِ نظامي ڪئي، اهو گهر ۾ مدني ماحول ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

هڪ استاد مجلس جو طيءِ ٿيل جدول جي مطابق پاڻ به مدني قافلن جو مسافر بڻجندو رهي ۽ پنهنجي طلبه کي به مدني قافلن جي سفر جي ترغيب ڏيندو رهي، ان انداز سان جيڪڏهن عملي طور تي مدني ڪمن ۾ شرڪت ٿيندي رهي ته دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڏاڍو تيزيءَ سان مديني جي طرف هلي ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## ڪمزورن ۽ غريبن سان شفقت

اهڙي طرح غريبن، محتاجن ۽ مسڪينن سان به هر مسلمان کي حُسنِ سلوڪ سان پيش اچڻ گهرجي، انهن جي مشڪل ۾ مدد ڪرڻ سان گڏو گڏ تي سگهي ته مستقل، انهن جا خرچ به کڻڻ گهرجن ۽ هميشه انهن سان شفقت ۽ پيار سان پيش اچڻ گهرجي. منقول آهي ته اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِيْ مِسْكِيْنًا وَّاَمِتْنِيْ مِسْكِيْنًا وَّاحْشُرْنِيْ فِيْ زُمْرَةِ الْمَسَاكِيْنِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**اي الله عَزَّوَجَلَّ مونکي مسڪين زنده رک ۽ مسڪيني جي حالت ۾ موت عطا ڪجان ۽ بروز قيامت مونکي مسڪينن جي زُمري ۾ اٿارجان.**

(سنن الترمزي، ج. 4، ص. 157، حديث 2359)



www.dawateislami.net

## نندن پيڻ ڀائرن سان شفقت

اهڙي طرح وڏن ڀائرن ڀيڻن کي نندن جا حق ادا ڪندي انهن تي شفقت ڪرڻ گهرجي. والدين جي وفات کان بعد نندن ڀائرن ڀيڻن جي پرورش ڪرڻ، انهن جي سٺي تربيت ڪرڻ، انهن جي ضرورتِ زندگي کي پورو ڪرڻ ۽ هر مشڪل گهڙي ۾ انهن جو ساٿ ڏيڻ ۽ جيترو ٿي سگهي انهن جي حاجت ۽ دلداري ڪرڻ، والدين جي حياتي ۾ به انهن سان شفقت ۽ محبت سان پيش اچڻ، غيبت، چغلي، بدگماني ۽ حسد عام مسلمان سان ته حرام آهي، انهن سان ته وڌيڪ ناجائز آهي، بتقاضائي بشريت انهن کان سرزد ٿيڻ واري خطائن کي معاف ڪرڻ ۽ هميشه انهن سان نرمي جو برتاؤ ڪرڻ.

## حقوق العباد جي ادائيگيءَ جا فوائد:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ماڻهن جي حقن جي ادائگيءَ سان دُنيا ۽ آخرت ۾ گهڻائي فائدا حاصل ٿيندا آهن ۽ انهن کي ڇڏي ڏيڻ دنيا ۽ آخرت ۾ بيشمار نقصانن جو سبب ٿي سگهي ٿو. انهن جي ادائگي سان انسان کي ذهني ۽ قلبي سڪون ملندو ۽ اهو ماڻهو گهڻين بيمارين کان بچي ويندو اهي.

- ماڻهن جي حقن جي ادائگي سان هر شخص کي ان جو حق ملڻ شروع ٿي ويندو آهي، جنهن سان معاشري ۾ امن ۽ سڪون عام ٿي ويندو ۽ جيهڙن جهيڳڙن جو خاتمو ٿي ويندو آهي.
- ماڻهن جا حق ادا ڪرڻ وارو شخص انهن جي درميان عزت ۽ وقار جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي.
- حقن جي ادائگي سان پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي، جنهن سان رشتا



www.dawateislami.net

مضبوط ٿيندا آهن.

❁ حقن جي ادائگيءَ سان پاڙن جي حقن جي ضائع ٿيڻ تي ملڻ وارن گناهن کان بچت ٿي ويندي آهي.

❁ انهن گناهن جي سبب ٿيڻ واري عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ٿي ويندو آهي.

❁ ماڻهن جي حقن جي ادائگي جو سڀ کان وڏو فائدو هي آهي ته پاڙهي کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رِضا حاصل ٿيندي آهي.

گو يہ بندہ نکمّا ہے بيکار   اِس سے لے فضل سے ربّ غفار
کام وہ جس ميں تيری رضا ہے   يا خدا تجھ سے ميری دُعا ہے

(وسائل بخشش مرمم ، ص 138)

صَـلُّـوْا عَـلَى الْـحَـبِـيْـب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڀاڙن جا حق ترڪ ڪرڻ جا نقصان :

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح اسان ڀاڙن جي حقن جي ادائگي سان دنيا ۽ آخرت ۾ حاصل ٿيڻ وارا ڪجهه فائدا ٻُڌا، ساڳي طرح ڀاڙن جا حق ترڪ ڪرڻ جي سبب جيڪي نقصان ٿي سگهن ٿا، اچو! ان حوالي سان ڪجهه ٻڌون ٿا:

❖ ڀاڙن جا حق ادا نہ ڪرڻ سان ڀاڙهو ڀين جي دل آزاري جهڙي ڪبيره گناهن ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

❖ اها ئي دل آزاري حسد، ڪيني، بغض ۽ دشمنيءَ جهڙن گهٽڻ ئي گناهن تي اُڀاري سگهي ٿي.



www.dawateislami.net

- ❖ انهن گناهن ۾ پوڻ جي سبب غيبتن ،چغلين، تهمتن، بد گمانين ۽ گهٽن ئي ڪبيره گناهن جو دروازو کلندو آهي. ائين ٻانهن جي حقن کي ضايع ڪرڻ جهيڙن ۽ گهٽن ئي گناهن جو سبب بڻجي سگهي ٿو.
- ❖ جن جا حق ضايع ڪيا، انهن کي راضي ڪرڻ جي لاءِ قيامت جي ڏينهن پنهنجيون نيڪيون ڏيڻيون پونديون.
- ❖ نيڪيون نہ هئڻ جي صورت ۾ انهن جي گناهن جو ٻوجهہ کڻڻو پوندو ۽ ائين جنّت کان محروم ٿيڻ تي عبرتناڪ انجام ڏسڻو پوندو.
- ❖ ٻين جا حق ضائع ڪرڻ واري شخص کان ماڻهو بہ نفرت ڪندا ۽ بيزار رهندا آهن.

## ٻانهن جا حق ادا ڪرڻ جا طريقا!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪي شيءِ جيتري قدر اهم هجي، ان جي حصول جي لاءِ بہ اوتري ئي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جيڪڏهن مسلمان ٻانهن جي حق جي ادائيگي  ڪيو، تہ ان سان دنيا ۽ آخرت سنوري سگهي ٿيءِ ان جي ادائيگي ۾ ڪوتاهي کان ڪم ورتو تہ دنيا ۽ آخرت ٻئي برباد ٿي سگهن ٿيون. تنهنڪري ڪنهن بہ ذي شعور ماڻهو کان ان جي اهميت ڍڪيل لڪيل ناهي. ٻانهن جي حقن جو خيال رکندي، ٻانهن جا حق ادا ڪرڻ جي عادت ڪيئن ناهي وجي؟ اچو! ان جا ڪجهہ طريقا ٻڌون ٿا.

## حق جو علم حاصل ڪريو!

1. سڀ کان پهرين ٻانهن جي حق جو علم حاصل ڪرڻو پوندو، ڪنهن بہ شي جي صحيح معلومات کان بغير ان تي عمل ڪرڻ تقريباً نا ممڪن ٿيندو آهي.افسوس!اسان جي معاشري جي اڪثريت جيئن تہ ٻانهن جي



www.dawateislami.net

حقن کان ئي ناواقف آهن تنهن ڪري انهن جي ادائيگي کان ڏاڍو پري آهن. ٻانهن جي حق جي متعلق تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبةالمدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”احياءُ العلوم جلد 2 صفحو 626کان 789 “ ”والدين، گهر وارن ۽ استادن جا حق“ امير اهلسنت جو رسالو ”ظلم جو انجام“ ۽ مڪتبةالمدينہ جو رسالو، تذڪرہء امير اهلسنت (قسط 6) ”حقوق العباد کی احتیاطیں“ جو مطالعو ڏاڍو فائدي مند رهندو.

## هميش مثبت سوچيو!

2. ڪنهن جي باري ۾ منفي سوچ کي دل ۽ دماغ ۾ جڳهہ ڏيڻ ۽ ان جا نا پسنديده اوصاف ياد ڪرڻ جي بجاءِ مثبت (يعني سني) سوچ قائم ڪيو ۽ ان جي سنين خوبين کي ياد رکو.

منقول آهي تہ هڪ شخص پنهنجي گهر واريءَ جي شڪايت ڪرڻ جي لاءِ حضرتِ سيِّدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ پهتو، دروازي تي پهچي ڪري ان امير المؤمنين جي زوجہ کي بلند آواز سان ڳالهائيندي ٻڌو، هو اهو چئي ڪري واپس هليو ويو تہ امير المؤمنين تہ پاڻ بہ ان مسئلي جو شڪار آهن. بعد ۾ اميرالمؤمنين حضرت سيِّدنا عُمرِ فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ان کي گهرائيو ۽ (واپس وڃڻ جو) سبب پڇيو، ان مڪمل واقعو عرض ڪيو تہ حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: گهر واريءَ جي ڪجهہ حَقن جي سبب مان ان کان درگزر ڪندو آهيان: (1) اها مون کي جهنم کان بچائڻ جو ذريعو آهي، ان جي سبب سان منهنجي دل حرام جي خواهش کان بچندي رهندي آهي. (2) منهنجي گهر جي غير موجودگي ۾ اها منهنجي مال جي حفاظت ڪندي آهي، (3) منهنجا ڪپڙا ڌوئيندي آهي (4) منهنجي ٻارن جي پرورش



www.dawateislami.net

ڪندي آهي. (5) منهنجي لاءِ ڪاڏو پڇائيندي آهي. ان چيو اهي اوصاف تہ منهنجي زال ۾ بہ موجود آهن، لهٰذا هاڻي مان بہ ان کي درگزر ڪندو رهندُس. (تنبيہ الغافلين، ص 280)

## احساس ذمہ داري پيدا ڪيو!

3. پنهنجي اندر احساسِ ذمہ داري پيدا ڪريو ۽ ٻانهن جي حقن کي بہ پنهنجي ذمہ داري سمجهيو، ٻانهن جا حق ادا ڪرڻ بہ هر مسلمان جي بہ ذمہ داري ئي آهي، اسان جي بزرگن بہ ان کي پنهنجي ذمہ داري سمجهندا ۽ انهي سوچ ۾ ڪُڙهندا رهندا هئا. حضرت سيدنا عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي زوجہ جو بيان آهي تہ جڏهن انهن کي خلافت جي مرتبي تي فائز ڪيو ويو تہ گهر اچي مصلي تي ويهي روئڻ لڳا، ايستائين جو ڏاڙهي لڙڪن سان آلي ٿي وئي. منهنجي پڇڻ تي ارشاد فرمايائون تہ منهنجي ڪنڌ تي سرڪار جي اُمّت جو بار رکيو ويو آهي. جڏهن مان بکايل فقيرن، مريضن، مسافرن، پوڙهن، ٻارن ايستائين! تمام دنيا جي مصيبتن ۾ قاتلن جي خبر گيري جي متعلق سوچيندو آهيان تہ ڊڄندو آهيان تہ ڪٿي انهن جي متعلق الله عَزَّوَجَلَّ مون کان پڇا ڳڇا نہ فرمائي ۽ مون کان جواب نہ ٿهي سگهي، بس ان بار جي ذمہ داري جو احساس ۽ انهن جو فڪر مون کي روئاري رهيو آهي. (تاريخ الخلفاء، ص 189)

## نيڪين تي حريص ٿي وڃو!

3. ٻانهن جي حقن جي ادائيگي اپنائڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي جو مال ۽ دولت جي حرص کي ڇڏي ڪري نيڪين تي پاڻ کي حريص بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. اسان کي ناهي معلوم جو اسان جي ڪهڙي نيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي هميشہ واري رضا جو سبب بڻجي وڃي، ان لاءِ ننڍي ننڍي نيڪي بہ نہ ڇڏڻ گهرجي، ماڻهن سان سنو سلوڪ جا فضائل



www.dawateislami.net

پڙهيا وڃن ۽ ثواب جي نيت سان پاڙيسري جي حق جي ادائيگي تي ڪمر بستہ ٿي وڃو. (مجمع الزوائد، ج. 8، ص. 38، رقم 12630)

## خوف خدا جو جام پيو!

5. پاڙيسري جي حق جي ادائيگي سان گڏو گڏ بين سنين خوبين کي اپنائڻ ۽ بُرين عادتن کان پيڇو ڇڏائڻ جو هڪ اهم ذريعو خوفِ خدا بہ آهي. حضرتِ سيدنا ابو الحسن ضرير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن شخص جي سعادت مندي جي علامت هي آهي تہ ان کي بد بختي جو خوف لاحِق رهي ، ڇو تہ خوف الله عَزَّوَجَلَّ ۽ پاڙيسري جي وچ ۾ لگام آهي ، جڏهن ڪنهن پاڙيسري جو لگام ٽُٽي وڃي تہ هو هلاڪ ٿيڻ وارن سان هلاڪت جو شڪار ٿي ويندو آهي. (احياءُ العلوم، ج. 4، ص. 199) تنهنڪري ان وڏي نعمت جي حصول جي ڪوشش ڪئي وڃي، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پاڙيسري جي ادائيگي سان گڏوگڏ بيا نيڪ ڪم بہ اسان جي زندگي جو حصو بڻجي ويندا. ۽

## خوف خدا پيدا ڪرڻ جو طريقو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دل ۾ خوفِ خدا جي شمع ٻارڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اپنائڻ بہ آهي. ڇو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ بہ انسان جي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي اهڙي صحبت پائڻ جي لاءِ پنهنجي شهر ۾ هرجمعرات جو ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتون ڀريي اجتماع ۾ شرڪت کي پنهنجو معمول بڻايو، عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر اختيار ڪيو، هفتيوار مدني مذاڪري ۾



www.dawateislami.net

شرڪت ۽ مدني انعامات تي عمل ڪريو، ان شاءَ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پنھنجي آخرت بھتر ڪرڻ جو فڪر پيدا ٿيندو ۽ آئينده سنت جو پابند بڻجڻ، گناھن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر جو ذھن بڻجندو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رضاءِ الٰهي، حصولِ ثواب ۽ ٻين سنين سنين نيتن سان وقتا فوقتًا ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ، رشتيدارن، دوستن، عزيز ۽ ويجھن مائٽن، استاد شاگرد، سيٺ ملازم، نگران و ماتحت وغيره کان معافي تلافي جو سلسلو ٿيندو رھڻ گھرجي. ڪڏھن ڪڏھن نفس معافي گھرڻ جي طرف آساني سان مائل ناھي ٿيندو پر ھي ذھن ھوندو آھي تہ مان تہ معافي ۾ اڳرائي نہ ڪندس ھو مون کان معافي گھرندو تہ مان معاف ڪري ڇڏيندس، مان پاڻ معافي نہ گھرندس. قربان وڃو! شيخ طريقت امير اھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عظيم شخصيت تي جو ڪڏھن ڪڏھن ايئن بہ ٿيندو آھي تہ مدني چينل تي براه راست (live) لڪين عاشقانِ رسول کان معافي گھري رھيا ھوندا آھن تہ منھنجي سبب کان ڪنھن جو وڏي ۾ وڏو ۽ ننڍي ۾ ننڍو بہ ڪو حق تلف ٿيو ھجي تہ رضاءِ الٰهي جي لاءِ معاف ڪري ڇڏيو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غور ڪريو تہ ھڪ ٻئي کان معافي وٺڻ جو ڪھڙو پيارو انداز سيکاريو وڃي ٿو، ڪھڙي مدني سوچ ڏني وڃي ٿي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي امير اھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ان پياري ادا کي اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# بيان جو خلاصو

✿ پاڙيسرين جا حق ادا ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جو سبب آهي ۽ انهن کي تلف ڪرڻ انهن جي ناراضگي جو سبب آهي.

✿ پاڙيسرين جا حق تلف ڪرڻ جهنّم جو مُسْتَحِق بڻجڻ سان گڏو گڏ، الله عَزَّوَجَلَّ جي سخت پڪڙ ۾ گرفتار ڪرائي ٿو.

✿ پاڙيسرين جا حق جيڪڏهن دنيا ۾ ادا نہ ڪيا تہ قيامت ۾ ادا ڪرڻا پوندا، هتي مال سان ادا ڪري سگهون ٿا، پر اتي عملن سان ادا ڪرڻا پوندا.

✿ اهي ماڻهون جيڪي اسان جي ماتحت هجن، جيئن تہ اسان جا مُلازم، ننڍا پاڙيسري وغيره انهن جي حقن جو بالخصوص خيال رکڻ گهرجي، ڇو تہ عمومًا اهڙن ئي ماڻهن جا حق تلف ڪيا ويندا آهن.

✿ پاڙيسرين جي حقن جي صحيح ادائيگي جي لاءِ هن جو علم سکڻ بہ بيحد ضروري آهي.

صَـلُّـوْا عَـلَـى الْـحَـبِـيْـب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت شهنشاهہ نبوت مصطفٰي جان رحمت شمع بزم هدايت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“.

(مشڪاة المصابيح، ج 1، ص 55، حديث 75 ادارا الڪتب العلميہ بيروت)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا



www.dawateislami.net

## ننهن ڪٽڻ جا آداب

اچو شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان ننهن ڪٽڻ جا ڪجهه مدني گل ٻڌون. ﴿1﴾ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪريو. (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعه، بدرالطَّريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت، جلد 3 ص 583 ۾ فرمائن ٿا: منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهه ڏينهن تائين. (مرقاةالمفاتيح ج 8 ص 212 تحت الحديث 4422) هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي ته رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهه ڇڻندا. (درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 668) ﴿2﴾ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (درمختار و ردالمحتار، ج 9 ص 670، احياءُ العلوم، ج 1، ص 193) ﴿3﴾ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (درمختار، ج 9 ص 670) ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (ايضًا) ﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو ته به حرج ناهي. (ايضًا) ﴿7﴾ ڪٽيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ



www.dawateislami.net

مڪروهه آهن، جو ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي. (ايضًا) ﴿8﴾ اربع جي ڏينهن نُنهن نہ ڪٽڻ گهرجن، ڇوتہ ڪوڙهه جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البت جيڪڏهن اوڻيتاليهه ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نہ ڪٽيا تہ چاليهه ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا تہ اُن تي واجب ٿيندو تہ اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي ان ڪري جو چاليهه ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروهه تحريمي آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ جلد 22 صفحو 574، 685 ملاحظ فرمايو) ﴿9﴾ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهه آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 2 ص 653)

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنّتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻانهن جي حق تلفي آخرت جي لاءِ تمام گهڻي نقصان ڏيندڙ آهي. حضرت سيدنا احمد بن حرب عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبّ فرمائن ٿا: ڪيترا ماڻهو نيڪين جي گهڻي دولت حاصل ڪري دنيا مان موڪلائي ويندا آهن پر ٻانهن جي حق ڦٻائڻ جي سبب قيامت جي ڏينهن پنهنجون سموريون نيڪيون وڃائي ويهي رهندا ۽ ائين غريب ۽ مفلس ٿي ويندا.

(تنبيه المغترين ص 53)

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار

سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

(وسائل بخشش ، ص 635)



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ ا

لنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گھٽ ۾ گھٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

جا گناهه معاف ڪيا ويندا.(2)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(3)

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(4)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي

---

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[4]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

ءِ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(5)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(6)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(7)

---

5 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

6 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

7 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305



www.dawateislami.net

## 2 جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناھي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آھي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آھي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنھن ھن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙھيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net